شماره نمبر7
جنوری2010ء

# راند روند ۾

## اچو تہ راند روند ۾ سکون

اسين اوهان کي هن تازي شماري ۾ پليکار چئون پيا.
ٻارو! اڄ اسان ريلوي اسٽيشن ڏانهن هلنداسين ۽ پوءِ
عائشہ جي گهر، ان سان گڏ اسان ٻين جي عزت ڪرڻ
بابت ڪارائتو سبق پرائينداسين، جنهن ۾ ننڍين توڙي
وڏن جي عزت ڪرڻ سان گڏ سُٺا سلوڪ رکڻ سکنداسين
پوءِ اچو تہ پڙهون .



# وڏن جو احترام

پيارا ٻارو.!

ٻين کي عزت ڏيڻ ۽ انهن سان بهتر سُلوڪ رکڻ تمام سُٺن گُڻَن مان آهي، اسان کي انُ بابت ضرور سکڻ گهرجي. پنهنجن وڏڙن، استادن، مائٽن، هڪ جيڏن ۽ دوستن سان پلي نموني پيش اچڻ گهرجي ڇو تہ اهي سڀ سُٺا قدر ۽ معيار آهن، اسان پنهنجي زندگين ۾ ڪيترائي منفي رويا ڏسون ٿا پر انهن جو بهتر حل اهو آهي تہ اُنهن بابت ڳالهايو وڃي ۽ انهن کي گڏيل تعاون سان ختم ڪجي. پنهنجي وڏن جي آڏو ڏاڍيان ڳالهائڻ ۽ پنهنجي هڪ جيڏن اڳيان رڙيون ڪرڻ يا انهي جهڙو ڪو ٻيو بداخلاقيءَ وارو رويو رکڻ نٺو جُڳائي. ٻارو ياد رکو.! تعاون، معاف ڪرڻ ۽ ٻين سان نيڪيون ڪرڻ جي ڪري توهان کي پنهنجن وڏن ۽ دوستن ۾ مان ۽ عزت ملندي.

## اندر پڙهندا

- ادب ۽ احترام
- سرگرميون
  - نقطا ملايو
  - لفظن کي درست ڪريو
  - پنهنجي رد عمل تي گول دائرو پايو
- توهان جي ڄاڻ لاءِ

نوٽ: هن شماري ۾ گهڻي قدر معلومات ننڍن ٻارن ۽ ناخوانده والدين جي آسانيءَ لاءِ تصويرن جي ذريعي سمجهائي وئي آهي. پر ڪجھ معلومات سمجهڻ لاءِ ٻارن کي استادن جي مدد ۽ رهنمائيءَ جي ضرورت پوندي.

هي شمارو آر سي سي _ اِي سي ڊي پروگرام تحت آغا خان فائونڊيشن ۽ رائل نيندر لينڊ ايمبسي جي تعاون سان تيارڪيو ويو.
طباعت ۽ اشاعت: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
RCC Releasing Confidence & Creativity
AN EARLY CHILDHOOD DEVELOPMENT PROGRAM


# ادب ۽ احترام

1



عائشہ جو ڏاڏو ۽ ڏاڏي حيدرآباد مان فيصل آباد ريلوي اسٽيشن تي پهتا جتي عائشہ، سندس والدين ۽ گوشي کين ڀليڪار ڪرڻ لاءِ پهتا. جيئن ئي اهي ريل گاڏي مان لٿا تہ عائشہ ڪانسواءِ سڀني انهن کي ڀليڪار ڪيو، ڇو تہ عائشہ شرميلي هجڻ سبب پنهنجي ڏاڏا ۽ ڏاڏي سان نہ ملي.

2




عائشہ جي پيءُ پنهنجي بابا کان ٿيلهو ورتو جيڪو سندس ڪلهي تي رکيل هو، پوءِ اهي اسٽيشن کان ٻاهر طرف نڪري آيا جتي ٽانگي وارو کين کڻڻ جي لاءِ تيار بيٺو هو.

3




اهو تقريبا مانجهاندي جو وقت هو جڏهن اهي گهر پهتا هئا، ڪجھ دير کان پوءِ عائشہ جو وڏو ڀاءُ صادق اسڪول مان واپس گهر آيو، هو پنهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ سان وڏي انسيت ۽ خوشي مان مليو ۽ کين ڀليڪار ڪيو، عائشہ جي ماءُ سڪينہ ٽيبل تي منجهند جي ماني رکي ۽ سڀني کي ڪاڏو پيش ڪيو سڀئي ويٺا ۽ گڏجي ماني کاڌي.

4




مانجهاندو ڪرڻ کانپوءِ عائشہ جي ڏاڏي کيس هڪ ننڍڙو ٿيلهو ڏنو جنهن ۾ مٽي جا ٺهيل رڌڻي بابت رانديڪا هئا، عائشہ تحفا حاصل ڪري تمام گهڻي خوش ٿي ڇاڪاڻ تہ اهي ان جي پسند جا هئا عائشہ رانديڪا کڻي کيڏڻ لاءِ خوشيءَ مان يڪدم پنهنجي ڪمري ڏانهن ڊوڙي. سندس والدين هن کي واپس اچڻ لاءِ سڏيو تہ جيئن اها تحفي ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڏاڏيءَ کي مهرباني چوي پر عائشہ ائين نہ ڪيو. عائشہ جا والدين شرمندگي مان عائشہ جي طرفان مهرباني چئي.

5




صادق ۽ ڪاچو جڏهن ڪمري ۾ آيا تہ عائشہ پنهنجن رانديڪن سان ڪيڏي رهي هئي. انهن عائشہ کان پڇيو تہ تون ڇا ڪيڏي رهي آهين؟ پر عائشہ ڪو بہ جواب نہ ڏنو، تنهن تي صادق عائشہ جي رانديڪن کي ڪٽي ڪيڏڻ شروع ڪيو.

6



يڪدم عائشہ ڪنهن شيءِ جي ٽٽڻ جي آواز ٻڌو، هن پويان مڙي ڏٺو تہ صادق سندس هڪ متي جو رانديڪو پٽ تي ڪيرائي ٽوڙي ڇڏيو. ان دوران ڪاچو ڊوڙ پائي هڪ ٻيو رانديڪو هيٺ ڪرڻ کان بچائي ورتو ۽ ان کي محفوظ جاءِ تي رکيو جيڪو صادق هوا ۾ اُڇاليو هو.

7



عائشہ کي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ هن رڙيون ڪري پنهنجي ڀاءَ سان وڙهڻ شروع ڪيو

8



عائشہ جي ماءُ رڌڻي جي صفائي ڪري رهي هئي تہ اهو شور ٻڌي هو پڻ ڊوڙي اچي ڪمري ۾ پهتي ۽ گوشي بہ ساڻس گڏجي اچي پهتو

9




گوشي ۽ ڪاڇو ٻنهي جي وچ ۾ ڀئي ڀاءُ ڀيڻ جو جهيڳڙو ختم ڪرايو ۽ عائشہ جي ماءُ ڪيس غلط رويي تي ڇنڊ پٽي

10




گوشي ۽ ڪاڇو عائشہ کي صبح کان وٺي خراب سلوڪ ڪندي ڏسي رهيا هئا، انهن ٻارن کي ٻڌايو تہ عائشہ پنهنجي ڏاڏا ۽ ڏاڏيءَ کي سلام نہ ڪيو ۽ نہ ئي انهن کان تحفو وٺڻ ڪانپوءِ ڪين مهرباني چئي، جڏهن تہ سندس ڀاءُ ڪائنس ڪيڏڻ بابت پڇيو تہ ان جو بہ هُن ڪو جواب نہ ڏنو، اهو خراب سلوڪ ۽ بداخلاقي سمجهي ويندي آهي، اِن ڳالهہ کي صادق پڻ مڃيو.

11




عائشہ ۽ صادق پنهنجون صفايون پيش ڪرڻ شروع ڪيون پر گوشي ڪين سمجهائيندي چيو تہ توهان کي پنهنجون غلطيون مڃڻ گهرجن

12




عائشہ ۽ صادق پنهنجون غلطيون مڃون ۽ هڪ ٻئي کان معافي پڻ ورتي.

ٻارؤ! ڪو بہ ماڻهو بد سلوڪ ۽ بداخلاق ٻارن کي پسند ناهي ڪندو ۽ نہ ئي اهڙن ٻارن سان ڪو پيار ڪندو آهي جيڪڏهن اوهان سٺا سلوڪ ۽ خوش اخلاقيءَ سان ماڻهن سان پيش ايندؤ تہ هر ڪو اوهان کي پسند ڪندو ۽ پيار ڪندو.

پهرين سرگرمي

# نقطا ملايو




اوهان جو دوست منجهند جي ماني نہ کڻي آيو هجي تہ اوهان ڇا ڪندا؟

جواب: ڳولهڻ لاءِ نقطا ملايو.

# ٽين سرگرمي

## هيٺ بيان ڪيل صورتحال ۾ اوهان جو ردِ عمل ڇا هوندو، ان تي دائرو لڳايو



(الف) توهان ان کي چٻ ڪرائيندو ۽ ان جا ڳوڙها اگهندا.

(ب) توهان ان کي روئيندو ڇڏي اڳيان وڌي ويندا.



(الف) توهان پنهنجو هوم ورڪ ڪندا رهندا

(ب) يا توهان ڪيس خدا حافظ چئي پوءِ موٽي اچي پنهنجو هوم ورڪ ڪندا.



(الف) توهان ڪيس ڇڏي ڏيندا تہ هوءَ پلي پاڻ اڪيلي منڊي ڳولهي

(ب) توهان منڊي ڳولهڻ ۾ سندس مدد ڪندا.



(الف) اوهان ان کي سلام ڪندا

(ب) توهان سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليا ويندا



(الف) توهان هڪدم گاڏي وٺي کيڏڻ شروع ٿي ويندا

(ب) توهان پنهنجي ماسي کي مهرباني چئي ڪيس ڀاڪر پائيندا

# اوهان جي چاڙ جي لاءِ




### جنهن ۾ سڀ کان پهرين احترام آهي؛

نہ صرف وڏن جو احترام ڪجي، سندن اڳيان هلڪي آواز ۾ ڳالهائڻ گهرجي ۽ پنهنجن ساٿين ۽ پنهنجو پڻ احترام ڪجي. وڏن کي شني سلوڪ سان يا سندن رشتن جي حوالي سان مخاطب ٿجي مثلا: جي امان، السلام عليڪم راجو چاچا وغيره

### تميز (سٺي سلوڪ) سان پيش اچڻ

مثلاً: پنهنجي ڳالهين ۾ مهرباني ڪري ۽ مهرباني جو استعمال گهڻو ڪرڻ گهرجي. وڏن جي ڳالهين مان پڻ سکڻ گهرجي. تميز ۽ اخلاق سان اٿڻ ويهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن مٺن مائٽن يا دوستن جي ڪچهري دوران اٽي وچڻو هجي تہ "معاف ڪجو چوڻ گهرجي.

### پنهنجي وڏن کان سکڻ گهرجي.

پنهنجي وڏن کي ڏسي سکڻ گهرجي تہ اهي ڪهڙي طرح خوش اخلاقي سان ڳالهيون ڪن ٿا مگر اهو احتياط پڻ ڪرڻ گهرجي مثلاً اگر ڪو وڏو ڳاڙي هلائڻ دوران ڪنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو تہ ان کي ڏسي ساڳيو عمل نہ ورجائڻ گهرجي، سٺن ۽ خراب روين ۾ فرق محسوس ڪرڻ گهرجي.

### راند روند ذريعي سکڻ

پنهنجي دوستن سان فون تي ڳالهائڻ واري راند ڪريو جنهن ۾ توهان ماچس جي دٻي ۾ ڌاڳو ٻڌو ۽ ڌاڳي جي ٻئي ڇيڙي تي ماچس جي ٻي دٻي ٻڌو ۽ پري پري تي ٻيهو ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهايو ان سان توهان کي مزو ايندو ۽ توهان کي مختلف موضوعن تي خوش اخلاقي سان ڳالهائڻ پڻ اچي ويندو.

### شين مان سکڻ

ٻارن کي خوش اخلاقي سيکارڻ لاءِ بازار ۾ ڪوڙ سارا ڪتاب ملندا آهن.لائبريري ۾ پنهنجي ٽيچر کان پڇي اهي ڪتابَ پڙهو جنهن ۾ رنگين، صاف ۽ اوهان کي وڻندڙ ڪارٽون وغيره شامل هجن. جيڪڏهن ڪنهن فلم يا ڪارٽون ۾ ڪو سنو ڪم ڏيکاريل هجي يا سٺي سلوڪ ۽ اخلاق سان ڳالهايو ويندو هجي يا خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪيو ويو هجي تہ توهان ان کي ڏسي ڪري ٻارن کي ٻڌايو، اهڙي طرح سٺي اخلاق کي توهان پنهنجي نوٽس ۾ آڻيو جنهن سان توهان جي بهتر تربيت ٿي سگهندي.

### راند روند ۾ انعام / سزا

ان موقعي تي اسٽيڪر جو طريقيڪار بهتر ثابت ٿيندو. راند روند ۾ جيڪڏهن توهان خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪندو تہ انعام طور پاڻ کي اسٽيڪر ڏيو جيڪڏهن ڪا غلط ڳالھ ڪري رهيا هجو تہ توهان ان کي نوٽ ڪريو. راند کان پوءِ اسٽيڪر توهان وٽ جمع ٿي ويندا تہ انهن کي پنهنجي ٽيچر کي ڏيکاريو تہ جيئن اهو توهان کي سنو ڪم ڪرڻ جي ڪري توهان کي توهان جي پسند جي راند ڪرڻ ڏئي يا توهان کي لائبريري وٺي وڃي توهان جي پسند جو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏئي.

## پنهنجي راءِ کان اسان کي آگاه ڪريو

اسان هن شماري جي پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار ڪنداسين ۽ خاص ڪري اسانکي اوسيئڙو رهندو پنهنجن ننڍڙن پڙهندڙن جو. توهان اسانکي نئين ايندڙ شماري لاءِ ڪهاڻيون يا پنهنجي ٺاهيل ڪنهن تصوير کي هيٺ ڏنل ائڊريس تي موڪلي سگهو ٿا:


سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان ڪلفتن 5، ڪراچي 75600 پاڪستان

اِي ميل: info@ecdpak.com



هي شمارو آر سي سي ـ اِي سي ڊي پروگرام تحت آغا خان فائونڊيشن ۽ رائل نيندر ليند ايمبسي جي تعاون سان تيارڪيو ويو.

طباعت ۽ اشاعت: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

RCC Releasing Confidence & Creativity AN EARLY CHILDHOOD DEVELOPMENT PROGRAM